2021

# سنڌي ادبي بورڊ

نيوز ليٽر نمبر 2

سرپرست اعليٰ

**مخدوم سعيد الزمان ”عاطف“**

ايڊيٽر

سيد سڪندر علي شاهه



# بورڊ طرفان ٽه روزه ڪتابي ميلو



ڪتابي ميلي جي افتتاح بعد سروري جماعت جو روحاني پيشوا ۽ گادي نشين
قبلا مخدوم جميل الزمان، مخدوم سعيد الزمان "عاطف"
چيئرمين سنڌي ادبي بورڊ
آيل مهمانن ۽ بورڊ جي ملازمن سان گڏ دعا گھرندي

# بورڊ جا مول مقصد

*دنيا جي ادب کي سنڌيءَ ۾ ترجمي ڪرڻ لاءِ اسڪيمون ناهڻ، انهيءَ تي عمل ڪرائڻ.

*سنڌ، سنڌ جي تاريخ، علم ادب، ثقافت جي موضوع تي سنڌي خواه ٻين ٻولين جا مسودا ۽ ڪتاب محفوظ ڪرڻ، ترتيب ڏيارڻ، ترجما ڪرائڻ ۽ شايع ڪرائڻ.

*سنڌ، سنڌ جي تاريخ علم ۽ ادب ۽ ثقافت کي دنيا جهان ۾ روشناس ڪرائڻ لاءِ ٻين ٻولين ۾ ڪتاب لکرائڻ يا ترجمو ڪرائڻ.

* گذارش ۽ چٽا پيٽيءَ جي بنياد تي سنڌ جي عالمن، اديبن، شاعرن ۽ ليکڪن کان اصلي ۽ معياري ڪتاب سنڌيءَ ۾ لکرائڻ.

*سنڌي ٻولي، علم ادب، تاريخ ۽ ثقافت تي تحقيق واري ڪم جي همت افزائي ڪرڻ ۽ اُن کي عام ڪرڻ.

*سنڌي زبان، علم ادب ۽ ثقافت جي جامع ۽ مستند تاريخ مرتب ڪرائڻ.

* سنڌ جي تاريخ، لوڪ ادب ۽ لسانيات تي مختلف پراجيڪٽ تشڪيل ڏيڻ.

* سنڌ جي تاريخ، تهذيب ۽ تمدن، علم ادب ۽ زندگيءَ جي ٻين شعبن ۽ علمن بابت وقت بہ وقت "سالناما، "گائيڊس"، "انسائيڪلو پيڊيا"، "قاموس المشاهير"، ڏسٽيون "انڊيڪس" نقشا وغيره مرتب ڪرائڻ.

*سنڌيءَ ۾ سائنسي ادب کي عام ڪرڻ.

* سنڌ جي مرحوم خواه زنده عالمن، اديبن، شاعرن، سگهڙن، صحافين، علمي پورهيتن ۽ ثقافت سان لاڳاپو رکندڙ شخصيتن جي خدمتن جي اعتراف ۾ ڏينهن ملهائڻ، شامون ملهائڻ، گڏجاڻيون ڪرڻ ۽ کين انعام اڪرام ۽ ايوارڊ وغيره ڏيڻ.

* سنڌي ٻولي، علم ادب، تاريخ ۽ ثقافت جي ترقي تشهير ۽ تحفظ لاءِ سيمينار، ڪانفرنسون، اجلاسن ۽ سيمپوزيم سڏائڻ.

* سنڌي ٻولي، علم، ادب، تاريخ ۽ ثقافت جي ترقي، تشهير ۽ تحفظ لاءِ ڪوشان ادارن ۽ شخصن سان علمي، ادبي ۽ تحقيقي سهڪار ڪرڻ ۽ پنهنجي سر ڪوشش ڪرڻ.

* سنڌ، سنڌي ٻولي، علم ادب، تاريخ ۽ ثقافت بابت ڪتابن، رسالن ۽ اخبارن جو ذخيرو گڏ ڪري مثالي تحقيقي لائبرري قائم ڪرڻ.

# سنڌي ادبي بورڊ ترقيءَ جي راهه تي گامزن

بورڊ جي چيئرمين مخدوم سعيدالزمان ’عاطف‘ صاحب جن جي خاص هدايتن تحت بورڊ جي ملازمن کي جديد طور تي ايڊمنسٽريشن، لائبرري، ايڊيٽنگ، ويب سائيٽ ۽ پريس جي شعبن ۾ سکيا




ڏيڻ لاءِ تحرڪ ورتو ويو، جنهن مطابق ملازمن ۾ وڌيڪ ڪم ڪرڻ جو چاهه پيدا ٿيو آهي، جيڪڏهن بورڊ جي ڪنهن شعبي کي وڌيڪ سکيا ڏيڻ جي ضرورت محسوس ٿي ته انهن ڪارڪنن کي وڌيڪ سکيا ڏيڻ لاءِ پاڪستان جي ٻين ادارن ۾ به موڪلڻ جو ارادو رکن ٿا.



بورڊ جي چيئرمين صاحب جن جي اها ڪوشش آهي ته بورڊ جي ملازمن سان گڏوگڏ خود چيئرمين ۽ بورڊ آف گورنرس جا ميمبر به پنهنجي پنهنجي وس آهر هر ممڪن بورڊ جي واڌ ويجهه لاءِ تحرڪ وٺن ۽ تحرڪ به وٺي رهيا آهن. انهن ۾ توڙي جو گرانٽ جو ڪم هجي ڪتابن جي اشاعت جو ڪم هجي، بورڊ جي بيوٽيفڪيشن جو ڪم هجي. بورڊ جي رسالن کي وقت سر اشاعت ۽ مواد جي حاصلات ۽ انهن جي نظرثاني ڪرڻ لاءِ بورڊ جي پبليڪيشن ڪميٽيءَ جي ميمبرن مان جناب دُر محمد پٺاڻ صاحب کي ڊاڪٽر اسد جمال پلي صاحب ۽ ڊاڪٽر نواز علي شوق جن جي نگراني هيٺ ٽنهي رسالن لاءِ ايڊيٽوريل بورڊ جو پڻ قيام ڪيو ويو آهي جيڪي صاحب ٽنهي رسالن جي ايڊيٽرن سان گڏجي ڪم ڪري رهيا آهن ۽ وقت بوقت تجويزون ۽ هدايتون به ڏيندا رهن ٿا.

چيئرمين صاحب جي اها ڪوشش آهي ته بورڊ جا ڪتاب سموري سنڌ کان علاوه پاڪستان ۽ پاڪستان کان ٻاهر به پڙهندڙن تائين پهچن، انهي لاءِ ڪلچر ڪامپليڪس سکر ۾ بورڊ جي بڪ شاپ

لاءِ سيڪريٽري ڪلچر ڊپارٽمينٽ ۽ گورنمينٽ آف سنڌ کي بہ ليٽر لکيا ويا آهن، اهڙي طرح اسلام آباد، ڪراچي ۽ ٻين صوبن ۽ شهرن ۾ بورڊ جا اسٽال قائم ڪرڻ لاءِ ڪوششون پڻ ورتيون پيون وڃن.

چيئرمين صاحب جن جي اچڻ سان بورڊ جي 50 سالہ پراڻي لڳل ليڪيج گئس لائن کي تبديل ڪرائي وئي. پاڻي جي لائين کي بحال ڪرايو ويو.ان کان علاوه بورڊ اندر بيوٽيفڪيشن ۽ سبزه زاري لاءِ بورڊ اندر پهريون ڀيرو پاڻيءَ جا بور ڪرايا ويا آهن، جنهن ڪري بورڊ سائو ستابو نظر اچي رهيو آهي. بجليءَ جي نظام کي



درست ڪرايو ويو ۽ وڌيڪ اها بہ ڪوشش ڪئي پئي وڃي تہ بورڊ لاءِ ايڪسپريس اليڪٽرڪ لائن حاصل ڪرڻ لاءِ مڪمل ڪاروايون ڪيون ويون آهن، جيڪا انشاءالله ڊسمبر 2021ع جي آخر تائين پنهنجي تڪميل تائين پهچندي تہ جيئن بورڊ ۾ لوڊشيڊنگ نہ ٿئي ۽ بورڊ جي اشاعت جو ڪم مڪمل ٿيندو رهي، ان کان علاوه سنڌ سرڪار کي خط لکيا ويا آهن تہ مخدوم طالب الموليٰ آڊيٽوريم لاءِ الڳ سان اليڪٽرڪ ٽرانسفارمر لڳرائي ڏنو وڃي. جنهن جي حاصلات لاءِ ڪوشش هلندڙ آهي.

چيئرمين صاحب طرفان وزيراعليٰ سنڌ کي اهڙا ليٽر لکيا ويا جنهن ۾ بورڊ جي PC-I واري رقم جي آخري قسط 20.10 ملين جي بحالي جيڪا خاص طور تي طالب الموليٰ آڊيٽوريم کي مڪمل ڪرڻ واسطي مختص ڪيل هئي. بورڊ جي سال 2018-19ع واري آخري قسط مان 72 لک جي ڪٽوتي بحال ڪرڻ، سنڌي ادبي بورڊ کي ڪتابن جي اشاعت لاءِ اسپيشل گرانٽ ڏيڻ ۽ انڊوومينٽ فنڊ جاري ڪرڻ تہ جيئن بورڊ پنهنجي پيرن تي بيهي سگهي.

تعليم کاتي جي وزير کي ۽ سيڪريٽري کي پڻ خط لکيا ويا آهن ته بورڊ لاءِ اسپيشل گرانٽ جاري ڪرڻ، ڪتابن ۽ رسالن کي سنڌ جي مختلف اسڪولن، ڪاليجن جي لائبررين لاءِ تعليم کاتي طرفان اهڙا احڪامات جاري ٿين ته جيئن اهي اسڪولن ۽ ڪاليجن ۾ قائم ٿيل لائبريرين لاءِ بورڊ جا ڪتاب خريد ڪن.

چيئرمين صاحب پاران وفاقي تعليم کاتي کي به ليٽر لکيا ويا آهن ته بورڊ پاران ٻاراڻي ادب جي ڪتابن جي اشاعت لاءِ فنڊنگ ڪرڻ، ان کان علاوه NGOS کي پڻ خط لکيا آهن ته بورڊ جي ڪتابن جي خريداري کي ممڪن ڪرڻ پڻ شامل آهن.










چيئرمين سنڌي ادبي بورڊ جي اها ڪوشش هلندڙ آهي، ته سنڌ جي سمورن MPA ۽MNA ۽ سينيٽرن کي گذارش ڪئي ويندي ته اهي بورڊ جي ترقي لاءِ پنهنجو مالي تعاون جاري رکن، ان کان علاوه تعلقي ۽ ڊسٽرڪٽ ليول جي چيئرمين کي به اهڙا خط لکيا ويا آهن ته اهي پبلڪ لائبررين لاءِ بورڊ جا ڪتاب خريد ڪن، جيڪي بورڊ لاءِ فائديمند رهي سگهن.

چيئرمن صاحب جي اها به ڀرپور ڪوشش آهي ته بورڊ جي بڪ اسٽال کي نئين طرز تعمير مطابق ناهجي، جنهن ۾ بڪ ڊسپلي، ويٽنگ ايريا، ڪشاده بڪ شاپ ٻن منزلن تائين ۽ ان کان مٿئين منزل تي اديبن ۽ دانشورن لاءِ ننڍي پيماني تي هاسٽل جو قيام پڻ شامل آهن. اهڙي PC-1 ٺاهي سنڌ سرڪار کي موڪلي وئي آهي.

چيئرمين صاحب جو ارادو آهي ته سطحي طور، توڙي عالمي طور تي بورڊ ۾ اهڙا ادبي سيمينار ۽ پروگرام ڪرايا وڃن جن لاءِ بورڊ جي ميمبرن سان مشاورت هلندڙ آهي.انهيءَ مشاورت جي نتيجي ۾ بورڊ پاران 6 ميڙاڪا ۽ سيمينار ڪرايا ويا.

ان کان علاوه بورڊ اندر هر مهيني ادبي سرگرميون جاري رکڻ جو پروگرام پڻ طئه ڪيو ويو آهي، جنهن ۾ سگهڙ ڪچهريون، ادبي ميڙاڪا، نظم ۽ نثري پروگرام، مشاعرا وغيره شامل آهن.

چيئرمين صاحب جن جي پروگرام ۾ اهو به شامل آهي. ته سنڌ جي نامور اديبن، دانشورن، شاعرن جا تفصيل گڏ ڪري انهن کي انگريزي ٻولي ۾ ڪتابي صورت ۾ شايع ڪري سڄي دنيا جي لائبررين کي ۽ پڙهندڙن کي ڪتاب مهيا ڪري ڏنا وڃن، ته جيئن ٻاهرئين دنيا کي سنڌ جي ليکڪن بابت مڪمل ڄاڻ حاصل رهي، ان کان علاوه سنڌ جي تاريخ کي به انگريزي ٻوليءَ ۾ ترجمو ڪري

شايع ڪيو وڃي، اهڙو ڏاسڪ جناب ڊاڪٽر دُر محمد پٺاڻ صاحب جي حوالي ڪيو ويو آهي جنهن تي ڊاڪٽر صاحب پنهنجي وس آهر ڪم ڪري رهيو آهي.

چيئرمين صاحب جن جي اها به ڪوشش آهي ته سنڌ جا جيڪي شاعر، اديب، محقق، نثر نويس، مقالا نگار ۽ سگهڙ جيڪي پنهنجي علمي پورهيو ڪري رهيا آهن ۽ انهن کي شايع ڪرڻ جي استطاعت نٿا رکن ته بورڊ جي پبليڪيشن ڪاميٽي انهن جا ڪتاب جيڪي 150 کان 200 صفحن اندر هوندا ته انهن جي نوعيت کي ڏسندي بورڊ پاران شايع ڪرايا ويندا.انهيءَ تي عمل پيرا ٿيندي بورڊ هيٺ ڏنل ڪتاب پڻ شايع ڪيا آهن.

سنڌؤ جا بندر ۽ بازارون، عمرڪوٽ جي قبرستانن جي ڪتبن جو مطالعو، گلشن راز ڪشف اعجاز، ديوان عارف، چين جون مشهور شخصيتون، تاريخ جا گم ٿيل ورق، من اندر جي موسم، گل جو ڪلام ۽ آءٌ جي اهائي ذات













چيئرمين صاحب پاران اها به ڪوشش هلندڙ آهي ته بورڊ جي شاعري وارن رسالن کي سنگيت جي روپ ۾ ڪمپوز ڪرائڻ جو ڪم هلندڙ آهي، جنهن ۾ سچل جو رسالو، منٺار فقير جو رسالو، حمل فقير جو رسالو ۽ ٻيا ناليوارا رسالا پڻ شامل آهن جن تي ڪم هلندڙ آهي.

چيئرمين مخدوم سعيدالزمان 'عاطف' جن جي ڀرپور ڪوشش جاري آهي ته وڌ کان وڌ بورڊ جي علمي ۽ ادبي خدمت جاري رهندي اچي ۽ وقت بوقت سنڌ جي اهل علم دوستن طرفان مليل مفيد مشورن تي عملدرآمد لاءِ ڪوششون ورتيون وينديون، جو علم اڻ کٽ خزانو آهي، ان لاءِ جيڪو به ڪم ڪجي اهو گهٽ آهي.

# سنڌي ادبي بورڊ پاران ٽن ڏينهن جي ڪوٺايل ادبي ميلو

سيد مير علي شاھ ڪاظمي

سائين مخدوم سعيدالزمان ’عاطف‘ صاحب جي چيئرمين ٿيڻ ۽ نئين بورڊ آف گورنرس ٺهڻ کان پوءِ سنڌي ادبي بورڊ ۾ ڪتابن جي اشاعت، رسالن جي وقت سِر ڇپائي نمايان ڪم ٿيڻ سان گڏ محترم چيئرمين صاحب جي حڪم ۽ هدايتن موجب علمي ادبي سرگرمين جي حوالي سان تاريخ 11- فيبروري 2020ع کان 13- فيبروري 2020 تي بورڊ ۾ نئين تعمير ٿيل مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ آڊيٽوريم ۾ ادبي ميلو ڪوٺايو ويو. پهرين ڏينهن تي ادبي ميلي جو آغاز ڪتابي ميلي سان ٿيو، جنهن جو افتتاح پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جي ايم.اين.اي مخدوم جميل الزمان’جميل‘ صاحب ڪيو.

تاريخ 11 فيبروري تي پهرئين نشست ۾ ڪتابي ميلي جي افتتاحي تقريب ڪي خطاب ڪندي



افتتاحي تقريب ۾ مخدوم جميل الزمان خطاب ڪري رهيا آهن، جڏهن ته اسٽيج تي ويٺل ساڄي پاسي کان مخدوم سعيدالزمان ”عاطف“(چيئرمين) سيد ارشاد علي شاھ (ميمبر) ۽ ڊاڪٽر اسد جمال ”پلي“ (ميمبر) سنڌي ادبي بورڊ

مخدوم جميل الزمان ’جميل‘ صاحب فرمايو ته بورڊ ۾ ادبي ميلو ڪوٺائڻ تي تمام گهڻي خوشي محسوس ٿي رهي آهي، هتي تمام گهڻيون تبديليون نظر اچي رهيون آهن، ادارا مضبوط هوندا ۽ محنت ڪندا ته عوام جي اميدن تي پورو لهي سگهندا، بورڊ انتظاميا ائين ئي محنت ۽ جوش سان ڪم جاري رکيو ته سنڌي ادبي بورڊ هڪ مثالي ادارو بڻجي اُڀرندو. ان موقعي تي سنڌي ادبي بورڊ جي چيئرمين مخدوم سعيدالزمان ’عاطف‘ صاحب فرمايو ته سنڌي ادبي بورڊ پنهنجي قيام کان وٺي اڄ ڏينهن تائين سنڌي ادب ۽ ٻوليءَ جي پلائي ۽ واڌاري خاطر سرگرم عمل آهي، گذريل 70 سالن جي تاريخ ۾ بورڊ اٽڪل 800 کان مٿي ڪتاب ڇپرائي پڌرا ڪيا آهن، ان ڪانسواءِ تسلسل سان 3 رسالا ٽماهي ’مهراڻ‘ ٻارڙن لاءِ ماهوار ’گُل ڦُل‘ ۽ سنڌي

ادبي بورڊ جي اڳوڻي چيئرمين قبلا مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ رح جي هدايتن تحت جاري ٿيندڙ عورتن لاءِ ماهوار ’سرتيون‘ رسالو شايع ٿي رهيا آهن. هن چيو تہ سنڌي ادبي بورڊ سنڌ ۾ علمي ۽ ادبي ماحول پيدا ڪرڻ ۾ ڪليدي ڪردار ادا ڪيو آهي.

انهيءَ ڏينهن شام جو ٻي نشست ۾ سنڌي ادبي بورڊ طرفان عورتن لاءِ شايع ٿيندڙ ماهوار رسالي ’سرتيون‘ جي ادبي خدمتن جا 30 سال پورا ٿيڻ جي موقعي تي، ’مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ‘ آڊيٽوريم ۾ هڪ تقريب منعقد ڪئي وئي. ان موقعي تي سنڌي ادبي بورڊ طرفان تازو شايع




ساڄي پاسي کان: گلبدن جاويد مرزا ايڊيٽر ”سرتيون“، محترمہ نذير ناز(ميمبر)، شبنم گل، امر سنڌو، حسينہ ساند، حسين مسرت، ڊاڪٽر ريحانہ نذير، ارشاد سومرو، شهناز راهو، سميره مختيار انڙ، زاهده ڏاهري، انيسہ ولي، ياسمين چانڊيو ۽ گلشن سنڌو خطاب ڪري رهيون آهن

ٿيل ٽن ڪتابن سنڌ جو تاريخ نويس ’مير علي شير قانع ٺٽوي‘، ’مڪلي ٽڪري‘ ۽ ’سرتيون‘ پاران شايع ٿيل ’هڪ شخصيت سؤ سوال‘ خاص نمبر جي مهورتي تقريب پڻ ٿي، جنهن ۾ سنڌي ادبي بورڊ آف گورنرس جي ميمبرن سرفراز راڄڙ، سيد ارشاد علي شاهہ، ڊاڪٽر در محمد پٺاڻ، محترم اسد جمال پلي، محترمہ نذير ناز ۽ ٻين معزز ميمبرن پڻ شرڪت ڪئي. تقريب جي خاص مهمان نذير ناز ۽ صدارت محترمہ امر سنڌو، جڏهن تہ ڪمپيئرنگ سرتيون رسالي جي ايڊيٽر گلبدن جاويد مرزا ڪئي. ان موقعي تي خاص مهمان ميڊم نذير ناز ڳالهائيندي چيو تہ محترم قبلا سائين مخدوم طالب المولىٰ جيڪو خواتين جي شعوري ترقي لاءِ سرتيون رسالي جو اجراءَ ڪيو ان کي اڄ ٽيهہ سال ٿي ويا . ان رسالي سان ڪيترين ڀينرن ۾ ادبي ذوق پيدا ٿيو ۽ ڪيترين ۾ لکڻ جو شعور پيدا ٿيو.

ليکڪ ۽ سماجي اڳواڻ حسين مسرت ڳالهائيندي چيو تہ ’سرتيون‘ جو ڪو عام رشتو نہ آهي، گلبدن جاويد ’سرتيون‘ رسالي کي پنهنجي پياري سکيءَ جيان سجائيندي ۽ سنواريندي آهي، اها اڻٿڪ محنت ڪندڙ ايڊيٽر آهي، ليکڪ ڊاڪٽر ريحانہ ملاح ڳالهائيندي چيو تہ ’سرتيون‘ رسالو سنڌ ۾ عورتن جو نڪرندڙ واحد

رسالو آهي جنهن پنهنجي پليٽ فارم تان ڪيترين ليکڪائن کي متعارف ڪرايو آهي. سنڌي ٻوليءَ جي نامياري ليکڪ ڊاڪٽر قمر واحد صاحبہ ڳالهائيندي چيو تہ اڄ سنڌي ادبي بورڊ پاران ’سرتيون‘ رسالي جي ’هڪ شخصيت سؤ سوال‘ خاص نمبر جو مهورت ڪيو ويو آهي. هيءُ ڪتاب گلبدن جاويد مرزا سهيڙي ڇپايو آهي، جيڪو سنڌي ڄاڻ رکندڙ ادبي، علمي ۽ جاکوڙي عورتن جي خيالات ۽ جدوجهد کي نمايان ڪري ٿو.

تعليمي ماهر ۽ ليکڪ ڊاڪٽر پروفيسر ممتاز ڀٽو ڳالهائيندي چيو تہ سنڌي ادبي بورڊ مان ٿي مئگزين ’مهراڻ‘، ’گُل ڦُل‘ ۽ ’سرتيون‘ نڪرن ٿا. وڏن تعليمي ۽ لٽرري ادارن جي سڃاڻپ اتان نڪرندڙ رسالن مان ڪري سگهجي ٿي. ’سرتيون‘ سنڌي ادبي بورڊ جي سڃاڻپ آهي جنهن نہ صرف عام عورت کي ادبي شعور ڏنو پر پڙهندڙ شاگردياڻين ۾ هڪ جاڳرتا ڏئي همت افزائي ڪئي.

ليکڪ ۽ تعليمي ماهر پروفيسر رشيده ڀٽي ڳالهائيندي چيو تہ اڄ جي هن خاص موقعي تي مان پنهنجي هونهار شاگردياڻي گلبدن مرزا کي سندس سيني سرتين سميت مبارڪباد ڏيان ٿي ۽ دل سان دعا ڏيان ٿي. شل اجا بہ ترقي ڪري ۽ هميشہ سندس قدم اڳيان وڌندا رهن.

پروگرام جي ٻئي ڏينهن مورخہ 12 فيبروري تي ٽماهي ’مهراڻ‘ رسالي جي علمي ۽ ادبي خدمتن جا 65 سال ۽ ماهوار ’گُل ڦُل‘ رسالي جا ٻاراڻي ادب جي خدمت جا 60 سال جي حوالي سان سيمينار/ مذاڪرو ٿي گذريو. پروگرام جي ڪمپيئرنگ نامياري ڪمپيئر نصير مرزا ڪئي. تقريب جي صدارت ڊاڪٽر نواز علي شوق ڪئي. جڏهن تہ خاص مهمان سرفراز راڄڙ ۽ اسد جمال ’پلي‘ هئا. تقريب کي صدارتي خطاب ڪندي سنڌي ٻولي جي نامياري محقق ۽ سنڌي ادبي بورڊ جي بورڊ آف گورنرس جي ميمبر ڊاڪٽر نواز علي شوق ڳالهائيندي چيو تہ سنڌي ادبي بورڊ طرفان ادبي سرگرميون شروع ڪرڻ انتهائي بهترين عمل آهي. هن چيو تہ سنڌي ٻوليءَ جي خدمت ۾ ’مهراڻ‘ رسالي جو پنهنجو هڪ مقام آهي، سنڌي ٻوليءَ جي ڪنهن بہ صنف تي تحقيق ڪندڙ ڪوبہ محقق ’مهراڻ‘ جي مطالعي کان سواءِ اڳتي وڌي نٿو سگهي. ٻارن جي رسالي ’گُل ڦُل‘ بابت




اسٽيج تي ويٺل: ڊاڪٽر در محمد پٺاڻ، سرفراز راڄڙ، ڊاڪٽر اسد جمال ”پلي“، ڊاڪٽر نواز علي شوق، شوڪت حسين شورو، نياز پنهور، نجمہ پنهور ۽ ثمينہ ميمڻ

ڳالهائيندي ڊاڪٽر نواز علي شوق چيو تہ اڄ سنڌي ٻوليءَ جا جيڪي بہ وڏا نالا آهن، انهن ننڍپڻ ۾ گُل-ڦُل. جو مطالعو ڪيو آهي. ’گُل ڦُل‘ رسالو ادبي اوسر ۾ هڪ بهتر ڪردار ادا ڪندو رهيو آهي. ان ڪان پوءِ ٽماهي ’مهراڻ‘ جي ايڊيٽر ثمينہ ميمڻ ’مهراڻ‘ جي 65 سالن جي تاريخي ڪارڪردگيءَ تي تفصيلي روشني وڌي. سنڌي ٻوليءَ جي نامياري ليکڪا، سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ جي سيڪريٽري محترمہ شبنم گل ’گُل-ڦُل.‘ رسالي جي ٻاراڻي ادب تي 60 سالا خدمتن تي ڳالهائيندي چيو تہ سنڌي ادبي بورڊ جو شروع ڪان علمي، ادبي ۽ فڪري واڌ ويجهہ ۾ اهم ڪردار رهيو آهي. خاص طور تي سنڌي لکت جي بهتري ۽ معيار ۾ مهراڻ جي اوائلي دور جو اهم حصو آهي. مان هتي سنڌي ادبي بورڊ پاران ٻاراڻي ادب جو ذڪر ڪندس،



ساڄي پاسي کان: ڊاڪٽر نوازعلي شوق، شوڪت حسين شورو، ڊاڪٽر اسد جمال پلي ، مدد علي سنڌي، نياز پنهور، تاج جويو شبنم گل، ڊاڪٽر غلام مصطفيٰ سولنگي، ڊاڪٽر انور فگار هڪڙو، نصير مرزا، خالد آزاد وگهيو ذوالفقار قادري، ڊاڪٽر ممتاز ڀٽو، ثمينہ ميمڻ، نجمہ پنهور ۽ ڊاڪٽر مخمور بخاري خطاب ڪري رهيا آهن



تقريب ۾ شرڪت ڪندڙ مهمان ۽ شاگرد

جن ڪي پڙهندي ٻالڪپڻي ۾ منهنجي ذهن جي تصوراتي دري مختلف منظرن ڏانهن کُلي وئي. اڄ ڪيترا اديب اهڙا آهن جيڪي ’گُل ڦُل‘ مخزن پڙهندي، ادب جي دنيا ڏانهن لاڙو رکيائون.

ان ڪان پوءِ سنڌي ٻولي جي نامياري اديب، دانشور ۽ ليکڪ محترم تاج جويو پنهنجي خيالن جو اظهار ڪندي چيو تہ سنڌي ادبي بورڊ سائين جي.ايم.سيد، ميران محمد شاهہ، ڊاڪٽر عمر بن محمد دائودپوٽو، مخدوم محمد زمان ’طالب المولىٰ‘، محمد ابراهيم جويو، غلام محمد گرامي ۽ غلام رباني آگرو جهڙن

بزرگن جي نشاني آهي. ’مهراڻ‘ رسالي جي تاريخ 65 سال نہ پر مُني صديءَ تي مشتمل آهي. منهنجي رٿ آهي تہ ’مهراڻ‘ رسالي ۾ ڇپيل مواد کي موضوع وار جلدن ۾ ترتيب ڏيارائي ڇپرايو وڃي. انهي کان پوءِ سنڌي ڊپارٽمينٽ سنڌ يونيورسٽي جي اڳوٽي چيئرمين محترم انورفگار هڪڙو چيو تہ ٽماهي ’مهراڻ‘ سنڌي ادبي بورڊ پاران 1955ع ۾ شايع ڪري هڪ علمي، ادبي، تاريخي، تهذيبي ۽ فڪري ارتقا لاءِ بنياد رکيو ويو. اها هڪ روايت طور تي اڄ تائين قائم آهي. انهي موقعي تي ناليواري اديب ليکڪ محترم ڊاڪٽر مخمور بخاري چيو تہ جڏهن 1965ع ۾ ون يونٽ لاڳو ڪيو ويو تہ ان وقت ’مهراڻ‘ کي نئين ڍنگ، انداز سان شايع ڪري عالمي ادب جي تناظر ۾ سنڌي ادب کي پيش ڪيو ويو ۽ سنڌي ٻوليءَ جي اهميت، حيثيت کي مڃرايو ويو. انهي کان پوءِ پي.ٽي.وي جي سينيئر ڊائريڪٽر ۽ ’گُل ڦُل‘ رسالي تي پي ايڇ.ڊي ڪندڙ محقق ڊاڪٽر غلام مصطفيٰ سولنگيءَ چيو تہ ورهاڱي کان پوءِ سنڌي ٻوليءَ ۾ ٻارڙن جي ادب پنهنجي اک گُل ڦُل جي هنج ۾ کولي. ’گُل ڦُل‘ وسيلي سنڌي ٻارڙن جي ادب جي آبياري ڪئي وئي ۽ هڪ اهڙي رسالي جو ڪردار ادا ڪيو، جن سنڌي ٻارڙن ۾ شعور ۽ روشن خياليءَ جي جذبن کي وڌايو. انهي موقعي تي سنڌي ٻولي جي ناليواري اديب، محقق، دانشور ۽ ليکڪ محترم شوڪت حسين شورو چيو تہ سنڌي ادبي بورڊ رڳو ادارو ڪونهي، پر سنڌ جو تاريخي، تهذيبي ۽ علمي ادبي ورثو آهي. ورهاڱي کان پوءِ سنڌي ٻولي ۽ ادب تي هڪ ڏکيو وقت آيو هو. سنڌي ادب تي جمود ڇانئجي ويو هو. سنڌي ادبي بورڊ ’مهراڻ‘ رسالي ۽ ڪتابن جي وسيلي ان جمود کي ٽوڙي سنڌي ادب کي نئين سر جيئاريو.

ان کان پوءِ محترمہ ڊاڪٽر پروين موسيٰ ميمڻ پنهنجي خيالن جو اظهار ڪندي چيو .هن اداري طرفان ادب جي واڌ ويجهہ لاءِ ٽماهي ’مهراڻ‘، ’گُل ڦُل‘ ۽ ’سرتيون‘ سنڌي ادب جي نمائندگي ڪن ٿا.

انهي کان پوءِ اديب صحافي ۽ شاعر محترم نياز پنهور چيو تہ اڄ جيڪو ’مهراڻ‘ ۽ ’گُل ڦُل‘ تي سنڌي ادبي بورڊ ۾ پروگرام ٿيو آهي سو بيشڪ تاريخي آهي. ’مهراڻ‘ رسالو سنڌ جو هڪ اهم دستاويز آهي جنهن ۾ تاريخي مقالا ۽ مضمون شايع ٿين ٿا ۽ سنڌ جي تاريخ تي اهم معلومات ملي ٿي. ’مهراڻ‘ جا ناميارا ايڊيٽر هر دور ۾ وڏي جاکوڙ ۽ محنت سان رسالي کي سينگاريندا رهن ٿا. هن ۾ وڏا مشهور شاعر ۽ ڪهاڻيڪار بہ مسلسل لکندا رهن ٿا. ’گُل ڦُل‘ ٻاراڻو رسالو بہ پنهنجو مَٽ پاڻ آهي. ڇاڪاڻ تہ ٻاراڻي ادب تي تمام گهٽ لکيو ويو آهي ۽ ٻيو تہ ٻارن جي تفريح لاءِ تمام گهٽ رسالا موجود آهن. ’گُل ڦُل‘ ٻار شوق سان خريد ڪري پڙهن ٿا ۽ اها تمام خوشي جي ڳالهہ آهي تہ اسان جي ٻارن کي ’گُل ڦُل‘ رسالي سان محبت آهي. انهي کان پوءِ محترم خليل عارف سومرو چيو تہ اڄ ٽہ ماهي ’مهراڻ‘ ۽ ماهوار ’گُل ڦُل‘ جي اڌ صدي کان وڏي شاندار ڪارڪردگي بابت سيمينار ۾ شرڪت جو موقعو مليو. مهراڻ توڙي گُل ڦُل سان منهنجو رشتو بہ چاليهارو سال کان مٿي جو آهي. سنڌي ادبي بورڊ ۾، هيءُ شاندار ادبي پروگرام منعقد ڪرائڻ تي بورڊ جي محترم چيئرمين صاحب ۽ ميمبرن ۽ پروگرام جي آرگنائيزرس کي مبارڪباد پيش ڪيان ٿو.

سنڌي ٻوليءَ جي نامياري ليکڪ ۽ بورڊ جي اڳوٽي وائيس چيئرمين محترم مدد علي سنڌيءَ چيو تہ سنڌي ادبي بورڊ طرفان ٽماهي ’مهراڻ‘ بابت سڏايل مذاڪرو اهم آهي، ڇاڪاڻ تہ سنڌي ادب تي

ٺماهي ’مهراڻ‘جا وڏا ٿورا آهن. جيڪو 1946ع ۾ شايع ٿيو ۽ اهو سال 1955ع کان اڄ تائين باقاعدگيءَ سان شايع ٿي رهيو آهي.

ريڊيو پاڪستان حيدرآباد اڳوڻي اسٽيشن ڊائريڪٽر ۽ ناليواري ليکڪ ۽ اديب محترم نصير مرزا چيو ته ٽه ماهي ’مهراڻ‘ ۽ ’گُل ڦُل‘، سنڌي ٻوليءَ جا عظيم مخزن آهن. جن سنڌ ۾ قلمڪارن جي اهم کيپ متعارف ڪرائي، جيڪي دؤر حاضر جا زبردست شاعر، نثرنگار ۽ محقق سڏجن ٿا. ٻنهي رسالن جي فائيلن ۾ سنڌ جي سونهري ماضي جا داستان لڪيل آهن جن ۾ روشني ئي روشني آهي ،اُهي ٻه رسالا جن کي روشني جا مينار سڏي سگهجي ٿو. انهي موقعي تي سنڌي ادبي بورڊ جي بورڊ آف گورنرس جي ميمبر محترم ڊاڪٽر اسد جمال ’پلي‘ چيو ته ٽماهي ’مهراڻ‘ اسان جي تحقيقي ادب جو اهم ترين رسالو جنهن هر دؤر ۾ سنڌي ادب لاءِ هڪ اداري جو ڪم ڪيو. قبله مخدوم محمد زمان حضرت طالب المولىٰ جي چيئرمين ۽ محمد ابراهيم جويو جي سيڪريٽري ۽ مولانا غلام محمد گرامي جي ايڊيٽري ’مهراڻ‘ جي سڀي ڄمار جا اهم نالا آهن جن جو نعم البدل ڳولڻ ئي نه گهرجي. نئين چيئرمين جناب مخدوم سعيد الزمان ’عاطف‘ صاحب مان وڏيون اميدون آهن ته هُو پنهنجي نئين بورڊ آف گورنرس جي ٽيم جي تعاون سان مهراڻ کي نشاطِ ثانيه بخشيندا. گُل ڦُل اسان جي نئين نسل جي تعمير جو ابتدائي ڏاڪو آهي. جتان سنڌي ادب جو مستقبل تعمير ٿيندو آهي.

ساڳي ڏينهن تي شام جو مشاعرو ٿي گذريو. مشاعري جي ڪمپيئرنگ نامياري ڪمپيئر نصير




مشاعري جي تقريب ۾ اسٽيج تي ويٺل ساڄي پاسي کان: ريحانه چنڙ، ڊاڪٽر رخسانه پريت چنڙ، سيد حاڪم علي شاهه بخاري (ميمبر)، ناز لطيفي، سيد شبير علي شاهه ”هاتف“ (ميمبر)، سيد ارشاد علي شاهه (ميمبر)، عاليه سومرو ۽ گلبدن جاويد مرزا

مرزا ڪئي. جڏهن ته مشاعري جي صدارت سيد شبير علي شاهه ’هاتف‘ ڪئي. خاص مهمان سيد ارشاد علي شاهه صاحب هو. مشاعري ۾ سڄي سنڌ مان وڏي انگ ۾ شاعرن شرڪت ڪئي. جنهن ۾ تاج جويو، گلبدن جاويد مرزا، ثمينه ميمڻ، نجمه پنهور، خليل عارف سومرو، احساس ميرل، خالد راڄپر، حاجي غلام حيدر، حيدر امان، عاجز چٽو، محمد ٻارڻ، اقبال شاهين، طارق امام جوڻيجو، رجب آزاد، نور حسين ڪلهوڙو، پير شبير احمد شوق، آسي زميني، سرور نواز ٻگهيو، سجاد ميراڻي، پارس حميد، طالب پنيرو، ذاڪر حسين ڪٽي، دانش احمد، ديوان گاگنداس، سنتوش ڪمار گاگنداس، غلام مصطفيٰ سولنگي، رحمت ڪنول، اسد چاچڙ، سيد احسان هاشمي ۽ ٻين شاعرن وڏي تعداد ۾ شرڪت ڪري پنهنجي نڪور شاعري پيش ڪئي.

پروگرام جي ٽئين ڏينهن مورخه 13 فيبروري تي صبح جو حميد سنڌي: فن ۽ شخصيت جي موضوع تي مذاڪرو ٿي گذريو. مذاڪري جي ڪمپيئرنگ جناب نصير مرزا ڪئي. مذاڪري جي صدارت محترم سرفراز راڄڙ ڪئي. خاص مهمان سيد حاڪم علي شاهه بخاري ۽ شمس الحق ميمڻ (ڀاءُ حميد سنڌي) هئا. مذاڪري ۾ سڄي سنڌ مان وڏي انگ ۾ ليکڪن، اديبن، دانشورن ۽ محققن شرڪت ڪئي. جنهن ۾ ناليواري اديب دانشور ليکڪ ۽ سنڌي ادبي بورڊ جي بورڊ آف گورنرس جي ميمبر ڊاڪٽر دُر محمد پٺاڻ چيو ته حميد سنڌي اسان جي علمي ۽ قلمي دنيا جو هڪ آدرشي انسان هو. هن ڀلي انسان




تقريب ۾ ساڄي پاسي کان: سيد سڪندر علي شاهه "سيڪريٽري سنڌي ادبي بورڊ"، ڊاڪٽر اسد جمال "پلي"، محترمه نذير ناز، شمس الحق ميمڻ، سرفراز راڄڙ، حاڪم علي شاهه بخاري، سلمان ارشد ميمڻ، ارشد حميد ميمڻ، ڊاڪٽر قاضي خادم، گلبدن جاويد مرزا ۽ نصير مرزا سنڌي ادبي بورڊ پاران شايع ٿيل حميد سنڌيءَ جي ڪتاب "اسان جو قلم هڪ عَلم" جي مهورت ڪري رهيا آهن

’روح رهاڻ‘ رسالي جي پليٽ فارم تان علم ادب جي آبياري ڪئي ،فڪشن ۾ هن وڏو ۽ بهتر قلمي پورهيو ڪيو.

انهي ڪان پوءِ  ناليواري اديب دانشور ليکڪ ۽ سنڌي ادبي بورڊ جي بورڊ آف گورنرس جي ميمبر ڊاڪٽر اسد جمال ’پلي‘ چيو ته حميد سنڌي دلبر شخصيت جو مالڪ هو، مناس، عجز، نياز ۽ هٺ جوڙ سندس شيوو هو. هميشه اسان ننڍن کي همٿايائين، رهنمائي ڪيائين ۽ پيار جي پالوٽ ڪيائين. منهنجون ساڻس گھڻيون ملاقاتون ۽ يادون آهن. جن تي ڪڏهن ضرور لکبو. سنڌي ٻوليءَ جي ناميار اديب ليکڪ دانشور تاج جويو ڳالهائيندي چيو ته حميد سنڌي ڪهاڻيڪار، ادارن جو سربراهه ۽ منتظم ته رهيو، پر سندس سڀ کان اهم ڪارنامو اپريل 1960ع ۾ ’روح رهاڻ‘ رسالو جاري ڪرڻ هو.

هن جديد سنڌي شاعري ۽ جديد سنڌي ڪهاڻيءَ کي اوسر ڏيڻ ۾ وڏو ڪردار ادا ڪيو ۽ آخري



تقريب ۾ ساڄي پاسي کان: شمس الحق ميمڻ، قاضي خادم، سرفراز راڄڙ، ڊاڪٽر اسد جمال پلي، تاج جويو، نياز پنهور، نذير ناز، ڊاڪٽر تهمينه مفتي، ڊاڪٽر ممتاز ڀٽو، ڊاڪٽر پروين موسيٰ ميمڻ، ڊاڪٽر فهيم نوناري، نصير مرزا، غلام نبي سومرو، واحد ڪانڌڙو، ڊاڪٽر نواب ڪاڪا ۽ گلبدن جاويد مرزا خطاب ڪري رهيا آهن

---

ويهه سال بزم روح رهاڻ هلائي تاريخي ڪردار ادا ڪيو. ناليواري اديب نصير مرزا چيو ته حميد سنڌي، سنڌ جي املهه شخصيتن ۽ قلمڪارن مان هڪ هئا. اهڙي هستيءَ جي مالڪ جنهن کي دل سان هيرو شخصيت سڏيان ٿو. هُو جيترو ٻاهران خوبصورت اوترائي اندر جا اڇا اجرا انسان هئا، نهايت اعليٰ عهدن تي فائز رهيا.

حميد سنڌيءَ جي ڀاءُ شمس الحق ميمڻ ڳالهائيندي چيو ته ادا حميد جو وڇوڙو هڪ دل ڏکوئيندڙ واقعو آهي. اسين ٻه ڀائر نه هئاسين ،پر دوست، يار ۽ هن کي وڏي جي حيثيت پڻ هئي، اڪيلو ۽ ننڍو ڀاءُ

جي ڪري صفا ويڳاڻو ٿي ويو آهيان. ساڳئي ڪيفيت بابا سائين مرحوم جي وفات تي ٿي هئي. هينئر ٻه سمجهه ۾ نٿو اچي ته اڳيون ايندڙ وقت ادا مرحوم ڪانسواءِ ڪيئن گذرندو. انهي موقعي تي مرحوم حميد سنڌيءَ جي فرزند ارشد حميد سنڌي چيو ته بابا سائين پنهنجين همه جهت مصروفيتن هوندي ٻه اسان لاءِ صرف هڪ پيار ڪندڙ پيءُ جي هئي ۽ هُو اهو پيار پنهنجن ٻين گهر وارن ۽ دوستن ۾ ٻه ورهائيندو هو. ناليواري اديب ۽ سنڌي ادبي بورڊ جي بورڊ آف گورنرس جي ميمبر محترم سرفراز راڄڙ ڳالهائيندي چيو ته حميد سنڌي هڪ شخص جو نالو ڪونهي پر هڪ انسٽيٽيوٽ جو نالو آهي جنهن سنڌي ٻولي، ادب ۽ فڪر کي عام ڪرڻ لاءِ سڄي ڄمار وقف ڪري پاڻ کي اَمر ڪري ويو. ناليواري اديب دانشور ليکڪ ۽ سنڌي ادبي بورڊ جي بورڊ آف گورنرس جي ميمبر سيد حاڪم علي شاهه بخاري چيو ته مرحوم عبدالحميد سنڌي صاحب ويهين صدي جي پوئين اڌ صدي ۾ جن نامور اديبن جا نالا اچن ٿا انهن مان هڪ آهي. سندس وفات علمي ادبي دنيا ۾ خال پيدا ڪيو آهي. ناليواري اديب دانشور ليکڪ قاضي خادم چيو ته حميد سنڌيءَ جون تمام گهڻيون خوبيون آهن جن ۾ سڀني کان وڌيڪ خوبي هن جي انسان دوستي هئي جنهنڪري هن جو ادب جاندار هو ۽ شخصيت دلپذير هئي. ناليواري اديب، صحافي ۽ شاعر محترم نياز پنهور حميد سنڌيءَ جي علمي ادبي خدمتن تي ڳالهائيندي چيو ته سائين حميد سنڌي سنڌ جو هڪ اهڙو رول ماڊل هو جيڪو پنهنجي ذهني بلوغت ڪانپوءِ ڪڏهن ٻه خاموش نه وينو، هن هر لمحي کي سجايو ڪيو، هن اهي معراجون ماڻيون، جن لاءِ اسان ۽ اوهان صرف تصور ڪري سگهون ٿا، مثال طور ماهوار 'روح رهاڻ' جو جاري ٿيڻ ۽ سنڌي ادب ۾ اعليٰ معيار حاصل ڪرڻ، اهو ڪو سولو ڪم نه هو، اڄ شايد اسان ان کان وڌيڪ صفحن، جديد ٽيڪنڪ سميت الائي ڪهڙين ڪهڙين سهوليتن جي بدولت ان کان ٻه سٺا رسالا ڪڍندا هونداسين پر 'روح رهاڻ' جيڪا سنڌي ٻولي ۽ سنڌ جي نظرياتي سوچ کي سنڀاليو ۽ اوج تي پهچايو، ان جو اڄ اسين صرف تصور ئي ڪري سگهون ٿا، ناليواري اديب سليم چنا چيو ته حميد سنڌي سنڌ جي مزاحمتي انقلابي ۽ جديد ادب جي سرجڻهارن مان هڪ آهي. ون يونٽ واري دؤر ۾ 'روح رهاڻ' رسالو جاري ڪري هن سنڌي ادب سماج ۽ قوم کي مزاحمتي ۽ انقلابي رستو ڏيکاريو.

سنڌي ادب جي ناليواري ليکڪا تهمينه مفتي چيو ته محترم حميد سنڌي هڪ نظريو هو جنهن جو سفر 'روح رهاڻ' کان شروع ٿيو ۽ بزم روح رهاڻ تائين جاري رهيو. سنڌ کي اهڙين ئي متحرڪ شخصيتن جي ضرورت آهي.

ناماري اديب غلام نبي سومرو چيو ته حميد سنڌي پنهنجي زماني جو اهم ڪهاڻيڪار هو جيڪو ڄڻ پنهنجي ڪردارن جو درد پاڻ سان گڏ کڻي پئي هليو. ادب ۽ وطن دوستي لاءِ اهو جهد ڪا گهٽ ڳالهه ته ڪونهي. حميد هميشه اسان جي دلين ۾ رهندو. ناماري ليکڪا ۽ اديب ڊاڪٽر پروين موسيٰ ميمڻ چيو ته حميد سنڌيءَ جو وڇوڙو نئين سال جو سنڌي ادب ۽ سنڌي قوم جو وڏو نقصان آهي. پاڻ نه فقط وڏو ڪهاڻيڪار وڏو منتظم هو پر هڪ وڏو انسان شناس ۽ وڏو نيڪ ۽ عملي انسان هو.

اديب ۽ ليکڪ فهيم نوناري چيو ته حميد سنڌي سنڌ، سنڌ جي ماڻهن ۽ سنڌ جي نوجوان نسل جي

بي انتها خدمت ڪئي. بنيادي طور هُو ادب جي دنيا جو وڏو ڪهاڻيڪار هو. هن پنهنجي ڪهاڻين ۾ عام ۽ سادي ٻولي استعمال ڪئي آهي. اديب سان گڏوگڏ هُو اعليٰ انسان هو، مهمانوازي هُن جو مَرڪ هئي، سخاوت جي اعليٰ گڻن سان هُو ثمثار هو.

انهي موقعي تي اديب ۽ ليکڪ واحد ڪانڌڙو چيو تہ حميد سنڌي سنڌي ادب ۽ تاريخ جو آواز هو، جيڪو صدين تائين گونجندو رهندو. روح رهاڻ رسالو، جشن روح رهاڻ ۽ بزم روح رهاڻ حميد سنڌيءَ جي سنڌي ادب ۾ لازوال خدمت جو مثال آهي. اديب ۽ ليکڪ طالب پنپرو چيو تہ حميد سنڌي سنڌ جو ڏاهو، اديب، دانشور، افسانہ نگار ۽ تعليمي ماهر هو جنهن سنڌ جي علمي ادبي خدمتن جو ذڪر ڪجي تہ ڪيترائي ڪتاب پرجي ويندا، ناليواري ليکڪا اديب ۽ اسڪالر ڊاڪٽر ممتاز پٿو ڳالهائيندي چيو تہ برک اديب، دانشور، ايڊيٽر ۽ اعليٰ آفيسر عبدالحميد ميمڻ (حميد سنڌي) جي لاڏاڻي سنڌ جي ماڻهن کي لوڏي ڇڏيو. هن جيڪا ساڃهہ، سمجهہ، عقل، سياسي شعور سنڌ جي ماڻهن کي ڄاڻ ڏني آهي اها هڪ تاريخي حيثيت رکي ٿي.


سُگهڙ ڪچهريءَ ۾ ڊاڪٽر ڪريم خواجہ (ميمبر)، ڊاڪٽر دُر محمد پٺاڻ (ميمبر) ۽ مخدوم احمد الزمان خطاب ڪري رهيا آهن

سنڌي ٻولي، ادب، ثقافت لاءِ ڪم ڪندڙ قومي اداري سنڌي ادبي بورڊ طرفان پنهنجي ٽن ڏينهن وارين رٿيل سرگرمين جي حوالي سان ٽئين ۽ آخري ڏينهن تي بہ تقريبون جاري رهيون. جنهن ۾ ٻين تقريبن سان گڏوگڏ انهيءَ ڏينهن تي شام جو 'سُگهڙ ڪچهري' بہ ڪرائي وئي جنهن ۾ سڄي سنڌ جي ڪُنڊ ڪڙڇ مان سُگهڙن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي جڏهن تہ سُگهڙ ڪچهري جي صدارت سنڌ جي ناليواري محقق، اديب ۽ سنڌي ادبي بورڊ جي بورڊ آف گورنرس جي ميمبر ڊاڪٽر درمحمد پٺاڻ ۽ ڊاڪٽر ڪريم خواجا ڪئي. جڏهن تہ مهمان خاص ڊاڪٽر اسد جمال 'پلي' هو. ڪيترن شوقينن پڻ سنڌي ادبي بورڊ پهچي سُگهڙ ڪچهري مان لطف ورتو. سنڌي ادبي بورڊ جي سڏ تي رٿيل سُگهڙ ڪچهري جي ڪارروائي سنڌ جي ناليواري اديب ۽ سنڌي ادبي سنگت جي اڳوڻي سيڪريٽري تاج جويو ۽ سنڌ سُگهڙ لوڪ ادب تنظيم جي باني چيئرمين عاجز رحمت الله لاشاري ۽ سُگهڙن جي سرواڻ سُگهڙ تاج محمد هاليپوٽو هلائي، شريڪ سُگهڙن پنهنجي ذات جي ڏيهہ مان سُگهڙائپ جي مختلف صنفن جهڙوڪ :ڳجهارتون، ڏٺ،

سينگار، ڏهس، هڪ اڪري، پروليون، پهاڪا ۽ ٻين صنفن ۾ پنهنجا جوهر ڏيکاريا. سُگهڙ ڪچهري رات جو دير تائين جاري رهي. ان موقعي تي سڄي سنڌ مان آيل سُگهڙن کي سنڌي ادبي بورڊ جي چيئرمين مخدوم سعيدالزمان’عاطف‘طرفان اجرڪن ۽ گلن جا تحفا پڻ پيش ڪيا ويا.

سنڌي ادبي بورڊ جو چيئرمن مخدوم سعيدالزمان ’عاطف‘ سنڌي ادبي بورڊ جي هنن سڀني پروگرامن جي غور، توجهه ۽ دلچسپي سان سربراهي ڪندا رهيا. پاڻ پروگرامن جي اختتامي تقريب ۾



سُگهڙ ڪچهريءَ ۾ آيل سُگهڙن جو گروپ فوٽو

پنهنجي فرزند مخدوم احمدالزمان کي خاص مهمان طور شرڪت ڪرائي .سُگهڙ ڪچهريءَ ۾ سندن فرزند کي سُگهڙ تنظيم سلات طرفان مخدوم سعيدالزمان ’عاطف‘ لاءِ اعزازي شيلڊ ۽ سُگهڙن ڪتابن جا تحفا پيش ڪيا .ان موقعي تي خطاب ڪندي مخدوم احمد الزمان چيو ته انتهائي خوشي ٿي آهي ته سنڌي ادبي بورڊ تاريخ کي ورجائي رهيو آهي. هن چيو ته سنڌي ادبي بورڊ جي پوري انتظاميه ۽ هيءُ پروگرام آرگنائيز ڪندڙ ٽيم کي مبارڪباد ڏيان ٿو هن چيو ته هن قسم جا پروگرام نوجوانن ۾ ڪتاب پڙهڻ جو شوق پيدا ڪن ٿا جن سان ٻولي ۽ ادب جو تحفظ ٿئي ٿو. هن چيو ته اڄ موبائيل ۽ انٽرنيٽ جي دور ۾ نوجوان ڪتابن کان پري ٿيندا پيا وڃن، جنهن لاءِ ان ڳالهه جي اشد ضرورت آهي ته هن قسم جون تقريبون منعقد ڪري نوجوانن ۾ هڪ نئون جذبو پيدا ڪجي.

# سنڌي ادبي بورڊ ۾ ڪوٺايل تعزيتي ميڙاڪو

شڪيل سومرو/ محمد رفيق جمالي

15- فيبروري 2021ع تي ڄام شورو جي مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ آڊيٽوريم ۾ تازو موجوده بورڊ آف گورنرس جي وڇڙي ويل ٻن ميمبرن جسٽس سيد ارشاد علي شاهه، عبدالقادر جوڻيجو ۽ بورڊ آف گورنرس جي اڳوڻي ميمبر، ڊاڪٽر غلام علي الانا جي ياد ۾ تعزيتي ميڙاڪو ڪوٺايو ويو.

هن پروگرام جي صدارت بورڊ جي مانواري چيئرمين مخدوم سعيدالزمان ’عاطف‘ صاحب ڪئي. پروگرام جو باقاعده آغاز تلاوت ڪلام پاڪ سان ڪيو ويو جنهن جو شرف حافظ احمد دين انڙ حاصل ڪيو. ان کان پوءِ بورڊ جي معزز ميمبر جناب سرفراز راڄڙ صاحب آيل مهمانن جي آجيان ڪئي. هُن آجياڻي تقرير ۾ چيو ته بورڊ هڪ قومي ادارو آهي، سنڌي ادب، ٻولي، ثقافت جي سڃاڻپ رهيو آهي، سنڌ جي عالمن




مخدوم سعيد الزمان ”عاطف“ چيئرمين سنڌي ادبي بورڊ صدارت ڪري رهيا آهن
جڏهن ته اسٽيج تي ويٺل معزز مقررين

اديبن جو بورڊ سان هميشه محبت وارو تعلق رهيو آهي. موجوده بورڊ جي مانواري چيئرمين صاحب باقاعده بورڊ کي متحرڪ ڪيو آهي، بورڊ جو رسالو ’مهراڻ‘ سنڌي ادب جو رڪوالو رهيو آهي، ٻاراڻي ادب جو رسالو ’گل ڦل‘ ۽ ’سرتيون‘ رسالا سالن کان سنڌي ادب جي خدمت ڪري رهيا آهن.

ان کان پوءِ تعليمي ماهر ۽ بيورو آف ڪريڪيولم جي ڊائريڪٽر محترم ادريس جتوئي، ڊاڪٽر غلام علي الانا جي ڪيل ڪم تي روشني وڌي. ادريس جتوئي چيو ته: الانا صاحب سنڌي ادب، سنڌي ٻولي لاءِ لازوال خدمتون سرانجام ڏنيون آهن، الانا صاحب پهريون سنڌي اسڪالر هو، جنهن لسانيات جي موضوع تي لنڊن مان Ph.D ڪئي. الانا صاحب پنهنجي ذات ۾ ادارا هئا. سنڌي ٻوليءَ جي مختلف لهجن ۽ سنڌي ادب ۽

تاريخ تي 40 ڪتاب لکيا، الانا صاحب ادارا ساز شخصيت جو مالڪ هو، سندس وڇوڙي سبب سنڌي لسانيات ۽ ادب ۾ وڏو خال رهجي ويو آهي.

ان کان پوءِ الانا صاحب جي نانيءَ محترم ڊاڪٽر عبدالرحيم صاحب الانا صاحب جي خدمتن تي ڳالهائيندي چيو تہ اسان بورڊ جي چيئرمين صاحب جا تمام گهڻا ٿورائتا آهيون، جنهن اسان جي بابا سائين کي ياد ڪيو ۽ سندس علمي ادبي پورهئي کي ماڻُ ڏنو.



ميڙاڪي جي تقريب کي مخدوم سعيد الزمان ”عاطف“ (چيئرمين سنڌي ادبي بورڊ) صدارتي خطاب ڪري رهيا آهن. جڏهن تہ سرفراز راڄڙ، مدد علي سنڌي ۽ نياز پنهور پنهنجي خيالن جو اظهار ڪري رهيا آهن

شاعر اديب ۽ صحافي محترم نياز پنهور ڳالهائيندي چيو تہ تمام گهڻي خوشيءَ جي ڳالهہ آهي جو سنڌي ادبي بورڊ وبائن جي دور ۾ وفائن ڪرڻ جا پروگرام سجايا آهن ۽ پنهنجي مصنفن ۽ ميمبرن کي ياد ڪيو آهي، جن سنڌي ادب، سنڌي ٻوليءَ جي خدمت ڪئي آهي، اڄ سنڌ جا ادب دوست گڏ ٿيا آهيون، اسان کي خبر آهي تہ سيد ارشاد علي شاهہ هڪ شخص جو نالو نہ آهي، هن جو وجود ڪارائتو ثابت ٿيو. ڀهراڙيءَ مان پڙهيو، مختلف کاتن ۽ ادارن ۾ وڏو ڪم ڪيو. سائين ارشاد شاهہ پنهنجي سرڪاري نوڪريءَ کان سواءِ شاعر ۽ علم فلڪيات جو وڏو ڄاڻو هو. هن جي علم ادب سان محبت ۽ سچائي جي ڪري ٻين ادارن سان گڏ ادبي بورڊ جا متحرڪ ميمبر رهيا. مخدوم صاحب ڪڏهن ڪڏهن اجلاس جي صدارت بہ ڪانئس ڪرائيندا هئا. هُو پبلڪ سروس ڪميشن جو چيئرمين رهيو، ليڪن سندن دامن ۾ ڪو داغ نہ رهيو.

ان کان پوءِ ارشاد شاهہ جي فرزند شهزاد شاهہ صاحب ڳالهايو، سائينءَ جي فرزند چيو تہ: آئون بورڊ جي مانواري چيئرمين مخدوم سعيدالزمان ’عاطف‘ صاحب جا ٿورا مڃيان ٿو. جنهن اسان جي بابا سائينءَ جي علمي ۽ ادبي خدمتن کي ماڻُ ڏنو. بابا ننڍي هوندي کان شاعري ڪندا هئا، مولود شريف، نعت شريف پاڻ پڙهندا هئا، مختلف سنڌي رسالن ۾ بابا جي شاعري ڇپبي هئي.

ان بعد سنڌالاجي جي ڊائريڪٽر جناب محمود مغل، عبدالقادر جوڻيجو جي شخصيت تي ڳالهائيندي چيو ته جوڻيجي صاحب پنهنجي دور ۾ جيڪي چٽ چِٽيا، ڪهاڻيون، ناٽڪ، ٽي.وي ڊراما لکيا اهي تمام گهڻو مقبول ٿيا. آئون سندن گهر جي پرسان 18 سال گڏ رهيو آهيان. پاڻ گهڻو وقت سنڌالاجي جا ڊائريڪٽر رهيا. ٽي.وي ڊرامن جي ڪري ادا عبدالقادر تمام گهڻو مصروف رهيا. عبدالقادر صاحب ٻين گهڻن ايواردن سان گڏ صدارتي ايوارڊ پڻ ماڻيا، سماجي حوالي سان هر ڪم ڪار ۾ مان ساڻن گڏ هوندو هوس.

ان بعد محترم عبدالقادر جوڻيجو جي فرزند محترم نصير جوڻيجو کي اسٽيج تي اچڻ جي دعوت ڏني وئي. جنهن چيو ته آئون بورڊ انتظاميه جو ٿورائتو آهيان، جنهن بابا سائينءَ کي ياد ڪيو، بابا ڏاڍو بهادر ۽ دلبر شخصيت جو مالڪ هو، هن پوري زندگي علم ادب جي خدمت ۾ ڏني آهي. منهنجي ڌيءُ فاطمه بابا جي نقشِ قدم تي هلڻ جي جستجو ڪري رهي آهي.



ڊاڪٽر محمود مغل، ادريس جتوئي، نصير مرزا(اسٽيج سيڪريٽري)، شهزاد شاهه نصير جوڻيجو
ڊاڪٽر عبدالرحيم خطاب ڪري رهيا آهن

---

ان ڪان پوءِ صحافي ۽ اديب محترم مدد علي سنڌي صاحب چيو ته آئون بورڊ کي شابس ڏيندس جنهن ڊاڪٽر الانا صاحب، عبدالقادر جوڻيجو صاحب سائين ارشاد شاهه صاحب تي ميڙاڪو ڪوٺايو آهي.

ارشاد شاهه ننڍي هوندي قومي ڪارڪن رهيو، قومي گيت به پاڻ ڳائيندو هو. ارشاد شاهه الانا صاحب، عبدالقادر جوڻيجو صاحب ادارا ٿاهيا، هن معززين تي جيترو ڳالهائجي اهو گهٽ آهي.

جوڻيجو صاحب کي شيخ اياز منيءَ مان وٺي اچي يونيورسٽي ۾ نوڪري ڏني. بورڊ جي ۽ بورڊ جي چيئرمين کي ڏسي مون کي مخدوم طالب الموليٰ ياد اچي ويو، مخدوم طالب الموليٰ ماضيءَ ۾ سنڌي ادبي بورڊ کي ڪامورن کان بچايو، ايوب خان جي دور ۾ به بورڊ کي مخدوم سائين بچايو. ۽ مخدوم صاحب گرامي

صاحب کي وڏي عزت ڏيندا هئا.

مخدوم سعيدالزمان ’عاطف‘ صاحب پنهنجي خطاب ۾ آيل مهمانن جا ٿورا مڃيا، ۽ چيو تہ اسان جي اداري ۽ سنڌي ادب جي خدمتگارن الانا صاحب، ارشاد شاھ ۽ عبدالقادر جوڻيجو جن جي خدمت تي روشني وڌي. پاڻ فرمايائون تہ: آئون جڏهن بورڊ جو چيئرمين ٿي آيس تہ بورڊ جون ڪافي گهُرجون هيون انهن ۾ ڪافي بهتري آندي آهي. اسان کي توهان ليکڪن، اديبن ۽ ميڊيا جي تعاون جي ضرورت آهي. اسان سڀني کي گڏجي ڪم ڪرڻو آهي، سنڌي ادبي بورڊ اسان وٽ امانت آهي، جنهن جي خدمت ڪندو رهندس، ادبي بورڊ واحد علمي، ادبي ادارو آهي، جنهن وٽ سوين قلمي مخطوطات ۽ مسودا ڇپجڻ جي انتظار ۾ آهن. اسان محدود وسيلن آھر بورڊ جي



پروگرام ۾ شريڪ مهمان

خدمت ڪري رهيا آهيون. اسان جي گرانٽ گهٽ آهي، جنهن جو 80 سيڪڙو پگهارن ۾ وڃي ٿو. باقي 20% سيڪڙو ٻين خرچن ۾ وڃي ٿو. حڪومت کي اسان گرانٽ وڌائڻ لاءِ لکيو آهي، اميد تہ بورڊ جون گهُرجون پوريون ڪيون وينديون.

مخدوم صاحب وڌيڪ خطاب ڪندي چيو تہ هن کان اڳ بورڊ مخدوم جميل الزمان صاحب جي سربراهيءَ ۾ ڪافي ڪم ڪيو، جنهن دور ۾ بورڊ جي گرانٽ وڌرائي وئي، جميل سائينءَ جي دؤر ۾ ڪتاب بہ گهڻا ڇپيا آهن، منهنجي اچڻ کان پوءِ ٿوري ئي عرصي ۾ 110 ڪتاب ۽ ريگيولر رسالا ڇپجي پڌرا ٿيا آهن. اسان جون ڪوششون آهن تہ گهڻي کان گهڻا ڪتاب ڇپرايون. ان بعدبورڊ جي ڪارڪردگي رپورٽ پيش ڪئي، ۽ فرمايو تہ آئون سنڌي ادبي سنگت جو بہ ٿورائتو آهيان جن مون کي حسن ڪارڪردگي مڃتا ايوارڊ 2021ع جي اعزاز سان نوازيو. اسان هميشہ سڀني لکندڙن کي پاڻ سان گڏ کڻي هلڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. آئون محترم مدد علي سنڌيءَ جو بيحد ٿورائتو آهيان، جنهن پنهنجو ايڊٽ ٿيل انگريزي ڪتاب (SKETCHES IN SCINDE) اڄ تحفي ۾

ڏنو. چيئرمين صاحب آخر ۾ سڀني آيل مهمانن جا ٿورا مڃيا ۽ تقريب جي پڄاڻي ٿي.

ان کان پوءِ نصير مرزا پنهنجي خاص انداز سان تقريب جي پڄاڻي ڪئي، تقريب ۾ شرڪت ڪندڙ معززين ۾: مخدوم امجد صديقي، فقير محمد بخش ضامن، ڊاڪٽر اسد جمال پلي، محترمہ نذير ناز، نجمہ پنهور، ثمينہ ميمڻ، گلبدن جاويد، ڊاڪٽر مخمور بخاري، ڊاڪٽر ممتاز ڀٽو، غلام محمد غازي، ابرار قاضي، ڊاڪٽر فهيم نوناري، زيب سنڌي، سليم چنا، روزينہ جوڻيجو، نور سنڌي، اسد جوڻيجو، ڊاڪٽر زبيده جوڻيجو، يوسف جويو، شيخ عبدالله، ڊاڪٽر پروين موسيٰ ميمڻ، نسيم خان پنهور، الهہ بچايو ميمڻ، عبدالرحمان سيال، گلشن جوڻيجو، سيڪريٽري سنڌي ادبي بورڊ سيد سڪندر علي شاهہ، گل حسن درس سروري، زاهده ابڙو،



پروگرام ۾ آيل مهمان آڊيٽوريم جي ٻاهران لڳل بڪ اسٽال تان خريداري ڪري رهيا آهن

نجمہ آفتاب منگي، پير راحيل، ڊاڪٽر مولا بخش ٿيٻو، بورڊ جي ملازمن ۽ ٻين گهڻن ماڻهن شرڪت ڪئي.

هال جي ٻاهران سنڌي ادبي بورڊ جو بڪ اسٽال پڻ لڳايو ويو. آخر ۾ مهمانن جي خاطر تواضع لاءِ ڊنر باڪس ۽ بورڊ پاران ڇپرايل 2021ع جو خوبصورت ڪيلينڊر بہ سڀني مهمانن ۾ تقسيم ڪيا ويا.

# سنڌي ادبي بورڊ پاران بورڊ آف گورنرس جي موجوده ميمبر سيد حاڪم علي شاهہ بخاريءَ ۽ ناليواري ڪهاڻيڪار ۽ ڊرامہ نويس شوڪت حسين شوري جي ياد ۾ ڪوٺايل تعزيتي ميڙاڪو

**سيد مير علي شاهہ ڪاظمي**

سنڌي ٻولي ۽ ادب جي واڌ ويجهہ لاءِ ڪم ڪندڙ سنڌ جي قومي اداري سنڌي ادبي بورڊ طرفان بورڊ آف گورنرس جي ٻن معزز ميمبرن حاڪم علي شاهہ بخاري ۽ شوڪت حسين شورو جي ياد ۾ تعزيتي ميڙاڪو ڪوٺايو ويو. پروگرام جي صدارت نامياري عالم، محقق ۽ سنڌي ادبي بورڊ جي بورڊ آف گورنرس جي ميمبر ڊاڪٽر عبدالغفار سومرو ڪئي، جڏهن تہ سرفراز راڄڙ، تاج جويو، ڊاڪٽر اسد 'جمال' پلي، نياز پنهور، زيب سنڌي، ڊاڪٽر تهمينہ مفتي، ڊاڪٽر قاضي خادم، ڊاڪٽر ريحانہ نظير، ڊاڪٽر نواب ڪاڪا، محبوب سنڌي




پنهنجي خيالن جو اظهار ڪيو. پروگرام جي ڪمپيئرنگ نصير مرزا ڪئي. صدارتي تقرير ڪندي ڊاڪٽر عبدالغفار سومرو چيو تہ شوڪت حسين شورو سنڌ جو ناميارو ڪهاڻيڪار هو، جنهن جو تازو وڇوڙو ٿيو آهي. هُو سنڌي ادبي بورڊ جي بورڊ آف گورنرس جو ميمبر رهيو ۽ سنڌالاجي جو ڊائريڪٽر بہ رهيو ۽ گُل ڦُل رسالي جو پهرين ايڊيٽر هئڻ جو اعزاز پڻ ڪيس حاصل آهي. شوڪت شوري سنڌي ڪهاڻي کي نئون موڙ ڏنو ۽ ڪيس ماڊرن ڪهاڻيڪار چيو وڃي ٿو. ڊاڪٽر عبدالغفار سومرو چيو تہ شوڪت حسين شورو لاءِ مون ڪي اهو چوڻ ۾

ڪا بہ هيڪ محسوس نہ ٿي ٿئي تہ ’ڪو ڪو ماڻهو موتيءَ داڻو‘، شوڪت حسين شورو واقعي سنڌي ادب ۾ موتيءَ جو داڻو هو. سنڌي ادبي بورڊ سندس ڪهاڻين جو مجموعو ’رات جو رنگ‘ 2009ع ۾ شايع ڪرايو. ٻيو ناميارو محقق ۽ تاريخ جو عالم سيد حاڪم علي شاھ بخاري جنهن جو پڻ تازو وڇوڙو ٿيو آهي. هُو سنڌي ادبي بورڊ جي موجوده بورڊ آف گورنرس جو ميمبر هو. هُن ڪلهوڙا دؤر جي عمارت سازيءَ تي انگريزي ۾ شاندار



ساڄي کان: ڊاڪٽر عبدالغفار سومرو صدارتي خطاب رهيو آهي، جڏهن تہ سرفراز راڄڙ، ڊاڪٽر قاضي خادم، تاج جويو، نياز پنهور، ڊاڪٽر تهمينہ مفتي، نصير مرزا، زيب سنڌي، ڊاڪٽر اسد جمال پلي، محبوب سنڌي، ڊاڪٽر نواب ڪاڪا، ڊاڪٽر ريحانہ نظير ۽ حافظ احمد انڊڙ خطاب ڪندي

ڪتاب لکيو آهي. جيڪو سنڌ جي تاريخدانن ۾ سندس نالي کي ياد رکڻ لاءِ ڪافي آهي ۽ هيءُ ڪتاب حوالي طور ڪتب ايندو. سنڌي ادبي بورڊ جي چيئرمين جناب مخدوم سعيد الزمان عاطف صاحب جن جي چوڻ تي سنڌ جي اهڙن لائق اديبن، محققن ۽ ڪهاڻيڪارن جن سنڌي ادب جي خدمت ڪئي ۽ وڏو نالو ڇڏيو، تن کي ههڙن ڏينهن تي ياد ڪرڻ جي روايت قائم ڪئي وئي آهي. سنڌي ادبي بورڊ جي بورڊ آف گورنرس جي ميمبر سرفراز راڄڙ آجياڻو ڏيندي سڀني آيل مهمانن جو شڪريو ادا ڪيو. هن چيو تہ سنڌي ادبي بورڊ مخدوم سعيد الزمان ’عاطف‘ جي سربراهيءَ ۾ جيڪو ڪم ڪري رهيو آهي، اهو سڀني جي اڳيان آهي، پهريان سنڌي ادبي بورڊ اڇبو هو تہ هڪ کنڊر جو ڏيک ڏيندو هو، پر هاڻي هيءُ ادارو هڪ جديد اداري جو ڏيک ڏيئي رهيو آهي، سرفراز راڄڙ چيو تہ سنڌي ادبي بورڊ جي گرانٽ گهٽ هئڻ سبب اڃا ان حساب سان ڪم ڪرڻ ۾ ڏکيائون پيش اچي رهيون آهن، ان لاءِ سنڌ حڪومت کي سنڌي ادبي بورڊ جي گرانٽ گهٽ ۾ گهٽ 20 ڪروڙ رپيا ساليانو ڪرڻ گهرجي. سرفراز راڄڙ سنڌ يونيورسٽيءَ جي وائيس چانسلر کان مطالبو ڪيو تہ سنڌي ادبي بورڊ جي آسپاس واري زمين سنڌي ادبي بورڊ کي ڏني وڃي، ۽ سنڌ يونيورسٽيءَ کي گهرجي تہ مرحوم شوڪت حسين شورو جي ادبي خدمتن تي شاگردن کان ايم فل ۽ پي ايچ ڊي ڪرائي. سنڌي ادبي بورڊ جي بورڊ آف گورنرس ۽ ناميا ري اديب ڊاڪٽر اسد ’جمال‘ پلي چيو تہ حاڪم علي شاھ بخاري نہ صرف سنڌي ادبي بورڊ جي بورڊ آف گورنرس جو ميمبر پر هڪ وڏو محقق ۽ تاريخدان هئڻ سان گڏ، موسيقيءَ جي شعبي جو بہ ماهر هو. ڊاڪٽر

اسد ’جمال‘ پليءَ چيو مرحوم حاڪم علي شاهه بخاري، عثمان ميمڻ سان گڏجي ڪتاب لکيا جيڪي شاندار آهن. هن چيو تہ حاڪم علي شاهه بخاري گهٽ ڳالهائيندو هو ۽ گهڻو ٻڌندو هو. سنڌ جي ناليواري ليکڪا ۽ اديب ڊاڪٽر ريحانہ نظير شوڪت حسين شورو جي ڪم تي ڳالهائيندي چيو تہ شوڪت حسين شورو جديد سنڌي ڪهاڻي ۽ ڊرامي جي بانيڪار ليکڪن ۾ شمار ٿئي ٿو. ناليواري اديب، ليکڪ ۽ سنڌي ادبي سنگت ڪوٽڙي شاخ جي عهديدار محبوب سنڌيءَ پنهنجي خيالن جو اظهار ڪندي چيو تہ سيد حاڪم شاهه بخاري سنڌڙي جو هڳاءُ هو. جنهن جو نالو وٺندي سندس شخصيت جو معصوم خاڪو ذهن ۾ جڙي ٿو، سو عقل، ڏاهپ، دانشمندي، محنت ۽ عظمت جو اهڃاڻ آهي. هن عظيم انسان جو روح بلاولي فڪر جو پوئلڳ هو انهي ڪري سنڌيت جي عشق ۾ هن جون اکيون سدائين آڇپي جا سپنا پسندي سنڌو ماتا جو درشن ڪندي وڏي ڪشادي نظر جو مالڪ ٻڌجي پيو هيون جو هي ڪنهن شيءِ تي پنهنجون اکيون ڄمائيندو هو تہ هن جاءِ، هنڌ، عمارت، ماڳ،



تقريب ۾ شرڪت ڪندڙ مهمان

مڪان، دڙي يا قلعي جي تاريخ ڪي پرکي اصل حقيقت ڪي واڪو ڪري رکندو هو.اهو ئي سبب هو جو هن آثار قديما جي ماهر طور پنهنجي سڃاڻپ سنڌ ۽ سنڌ کان ٻاهر ڪرائي ورتي هئي. سنڌ جي ناليواري اديب ۽ سنڌي ادبي سنگت جي اڳوڻي سيڪريٽري تاج جويو سيد حاڪم علي شاهه بخاري ۽ شوڪت حسين شورو تي ڳالهائيندي چيو تہ سنڌ ۾ ٻہ جوڙا سيد حسام الدين راشدي ۽ علي محمد راشدي هئا ۽ دادو ضلعي جا ٻہ پائر ٻہ عالم، شاعر استاد بخاري ۽ سندس ننڍو ڀاءُ سيد حاڪم علي شاهه بخاري جنهن آثار قديمہ جي ماهر هئڻ سان گڏوگڏ انيڪ ڪتاب لکيا. ان کان علاوه موسيقي ۽ هارمونيم وڄائڻ جو پڻ ماهر هو. سيد حاڪم علي شاهه استاد بخاريءَ وانگر شاعر تہ نہ هو پر شاعريءَ جي سڃاڻ ۽ وسيع ساڃاهه رکندو هو ، استاد بخاري ۽ سيد حاڪم علي شاهه بخاريءَ ڪيترن ئي ڊرامن ۾ اداڪاري بہ ڪئي تہ هيرو جو ڪردار بہ ادا ڪيو. تعزيتي ميڙاڪي ۾ زيب سنڌيءَ ڳالهائيندي چيو تہ سنڌي ادبي بورڊ ۽ ان جي چيئرمين جو ٿورائتو آهيان جن سنڌي ادب جي سڄڻن ڪي

ياد ڪيو آهي. زيب سنڌيءَ چيو ته ڪنهن به ليکڪ کي پنهنجي لکڻين جي پاڻ تشريح نه ڪرڻ گهرجي، مون امداد حسينيءَ کان به راءِ ورتي هئي، جنهن پڻ ان ڳالهه جي تائيد ڪئي هئي. هن چيو ته مون شوڪت حسين شورو سان گڏ ڪيترائي پروگرام اٽينڊ ڪيا، هڪ ئي وقت اسٽيج تي گڏ ويٺاسين، اڄ به ايئن محسوس ٿي رهيو آهي، ته ڄڻ شوڪت حسين شورو اسان سان گڏ اسٽيج تي هجي، بس ٿوري دير لاءِ ٻاهر ويو آهي. ناليواري اديب، شاعر ۽ صحافي نياز پنهور ڳالهائيندي چيو ته ادا شوڪت حسين شورو منهنجو وڏو ڀاءُ هو، ان سان گڏ وڏيون ڪچهريون ۽ گڏوگڏ ڪم به ڪيو، هن چيو ته سنڌي ادبي بورڊ، سنڌالاجي، سنڌي لئينگويج اٿارٽي ۽ سنڌ جا ٻيا ادارا سندس ڪم جا ساکي آهن. هن چيو ته شوڪت حسين شورو قومپرست ته نه هو، پر هُو قوم جو درد رکندڙ هو. شوڪت حسين شورو خاموش طبع ۽ گهڻو ڪم ڪرڻ وارو ماڻهو هو. مرزا قليچ بيگ چيئر جي ڊائريڪٽر ڊاڪٽر نواب ڪاڪا ڳالهائيندي سيد حاڪم علي شاهه ۽ شوڪت حسين شورو جي شخصيتن ۽ انهن جي فن، هيئت تي روشني وڌي ۽ چيو ته سنڌ جي هنن ٻنهي شخصيتن بنا لوڀ لالچ جي خاموشيءَ سان پنهنجي حصي جو ڪم ڪيو، سندن تخليقون نه صرف ماضي، پر حال ۽ مستقبل لاءِ به ناياب رهنديون. شوڪت حسين شورو حقيقت نگار ڪهاڻيڪار هو. انهن جي تخليقن کي دل سان پڙهڻ گهرجي، انهن جي تخليقن جي فني مهارتن کي به ڏسڻ گهرجي ۽ رهنمائي حاصل ڪرڻ گهرجي. ان موقعي تي ڊاڪٽر تهمينه مفتي ڳالهائيندي چيو ته سنڌ جي سنڌي ٻوليءَ جي مانَ وارو ليکڪ اسان کان جدا ٿي ويو آهي. سنڌي ادب جي حوالي سان ڪيتريون ئي ڳالهيون ڪري سگهجن ٿيون. هُو 60 ۽ 70 واري ڏهاڪي ۾ ڪهاڻيڪار ۽ ڊرامه نگار جي حيثيت ۾ اسان جي سامهون آيو. هن هند ۽ سنڌ جي اديبن جي وچ ۾ پُل وارو ڪردار ادا ڪيو. ان موقعي تي علامه غلام مصطفيٰ قاسمي چيئر جو ڊائريڪٽر، دانشور ۽ محقق ڊاڪٽر قاضي خادم ڳالهائيندي چيو ته شوڪت حسين شوري جو ڪم نهايت منفرد آهي، هن جون ڪهاڻيون علامتي انداز سان لکيل آهن. شوڪت شورو هند ۽ سنڌ جي اديبن سان هميشه رابطي ۾ رهيو ۽ ادب جي متاستا ڪئي. آئون ڪوشش ڪندس ته شوڪت حسين شوري تي پي. ايڇ. ڊي لاءِ ڪو شاگرد تيار ڪيان. پروگرام ۾ سنڌ جي اديبن، عالمن، اديبن، دانشورن، صحافين ۽ شاگردن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي. جنهن جو آڌر ڀاءُ ۽ استقبال لاءِ سيڪريٽري سنڌي ادبي بورڊ سيد سڪندر علي شاهه، سپريڊنٽ اياز سومرو، جنرل سپروائيزر گل حسن درس ۽ ٻيا سينئر آفيسر پڻ شامل هئا. شرڪت ڪندڙن ۾ ادريس جتوئي، ڊاڪٽر فياض لطيف، شجاع مهيسر، نذير ناز، ڊاڪٽر ممتاز پٿو، ثمينه ميمڻ، نجمه پنهور، پروفيسر رشيده پٿي، فهيم نوناري، مجدد قريشي، نذيران مجدد، حسين سارنگ، علي مرتضيٰ ڏاريجو، محمد ارشد بلوچ، مخدوم سليم الله صديقي، شهاب صديقي ۽ ٻين شرڪت ڪئي. سرتيون رسالي جي ايڊيٽر گلبدن جاويد مرزا تعزيتي ميڙاڪي جي آرگنائيزنگ ڪميٽي جي چيئرپرسن طور فرائض سرانجام ڏنا، ڪميٽي جي ميمبرن ۾ دبير مرزا، مير علي شاهه، سليم پيرزادو، ڄام سپڙ رونجهو، حافظ احمدالدين انڊڙ ۽ جاويد شاهه شامل هئا.

# پبليڪيشن سيڪشن جي ڪارڪردگي

## اختصار

- پبليڪيشن ڪاميٽي جون گڏجاڻيون (ٽوٽل 05)
- نوان ڪتاب: (ٽوٽل: 23)
- ڇپائيءَ هيٺ نوان ڪتاب: (ٽوٽل:03)
- ريپرنٽ ٿيل ڪتاب (ٽوٽل 47)
- ڇپائيءَ هيٺ ريپرنٽ ڪتاب: (ٽوٽل: 04)
- ماهراڻي راءِ هيٺ نوان ڪتاب: (ٽوٽل: 03)
- پروف ريڊنگ/ ايڊيٽنگ ۾ نوان ڪتاب: (ٽوٽل: 17)
- پروف ريڊنگ/ ڪمپيوٽر ڪريڪشن هيٺ ريپرنٽ ڪتاب: (ٽوٽل:11)
- ڪمپوزنگ هيٺ نوان ڪتاب: (ٽوٽل: 20)

## اندومينٽ فنڊ ٽرسٽ جي سهڪار سان شايع ٿيندڙ ڪتاب

- ڇپيل ڪتاب: (ٽوٽل: 02)
- ڇپائيءَ لاءِ موڪليل ڪتاب: (ٽوٽل: 03)
- فائنل پروف ريڊنگ/ ايڊيٽنگ هيٺ ڪتاب: (ٽوٽل: 07)
- ماهراڻي راءِ/ نظرثاني لاءِ موڪليل ڪتاب: (ٽوٽل: 02)

## رسالا

- ٽماهي ”مهراڻ“ رسالو (ٽوٽل:11)
- ماهوار ”سرتيون“ رسالو(ٽوٽل: 23)
- ماهوار ”گل ڦل“ رسالو(ٽوٽل: 28)

## مارچ 2019ع کان ڊسمبر 2021ع تائين ٽيل بورڊ آف گورنرس جي مينٽنگس جا اهم فيصلا

### پهرين تعارفي BOG گڏجاڻي 16 مئي 2019ع

- چيئرمين طرفان سنڌي ادبي بورڊ جي سيني ملازمن جا سالن کان رهيل پروموشن ۽ اپ گريڊ ڪرڻ تي BOG طرفان پاس ڪرڻ_ BOG ميمبرن پاران چيئرمين صاحب کي مالي، اشاعتي، انتظامي (مقرري ۽ تبديلي) جا اختيار حوالي ڪرڻ_ ٽنهي رسالن کي ريگولر ڪرڻ لاءِ حڪمت عملي جوڙڻ.

### ٻي BOG گڏجاڻي 19 آگسٽ 2019ع

- چيئرمين پاران 100 کان 160 صفحن تائين نون ليکڪن جا ڪتاب شايع ڪرڻ_ بڪ اسٽال ۽ هيڊ آفيس لاءِ ترقياتي اڏاوتن لاءِ pc1 تيار ڪرائڻ_ بورڊ جي سالانہ گرانٽ وڌائڻ لاءِ تحرڪ وٺڻ.

### ٽيئن BOG گڏجاڻي 13جنوري 2020ع

- BOG ميمبرن پاران فيصلو ڪيو ويو تہ مهيني ۾ هڪ ڏينهن اهي بورڊ کي ڏيندا ڊاڪٽر ڊُر محمد پٺاڻ طرفان چيئرمين سنڌي ادبي بورڊ کي بورڊ جي نئين ويب سائيٽ گفٽ ڪرڻ_ صحافين، شاعرن، اديبن ۽ NGOs کي 50 سيڪڙو رعايت سان ڪتاب ڏيڻ_ BOG ميمبرن جو واٽس اپ گروپ تشڪيل ڏيڻ_ انڊوومينٽ فنڊ ٽرسٽ اداري ۽ سنڌي ادبي بورڊ جي گڏيل اشاعت بابت معاونت حاصل ڪرڻ لاءِ ايگريمنٽ ڪرڻ.

### چوٿين BOG گڏجاڻي 10 آگسٽ 2020ع

- بورڊ جي ميمبرن پاران فيصلو ڪرڻ تہ ڪنهن بہ هڪ بلڊنگ تي سائين ميران محمد شاهہ جو نالو ڏيڻ_ طالب الموليٰ آڊيٽوريم ۾ فرنيچر ۽ سائونڊ سسٽم مڪمل ڪرڻ لاءِ تحرڪ وٺڻ_ سائين جي ايم سيد لائبريري ڪارنر قائم ڪرڻ کان علاوه رسول بخش پليجو ۽ غلام علي الانا لائبريري ڪارنر قائم ڪرڻ_ سموري سنڌ اندر بورڊ جا بُڪ شاپ قائم ڪرڻ.

### پنجين BOG گڏجاڻي 16_ جولاءِ 2021ع

- BOG ميمبرن پاران 46 ڪروڙ 27 لک جي بجيٽ پاس ڪرڻ_ BOG ميمبرن پاران چيئرمين طرفان بورڊ جي ترقياتي رٿائن بابت CM کي لکيل گهرجن جي ڀرپور حمايت ڪرڻ طالب الموليٰ اڪيڊمي پاران بورڊ اندر لائبريري ڪارنر قائم ڪرڻ_ بورڊ سان لاڳاپيل واڌو زمين جي حاصلات لاءِ سنڌ يونيورسٽي انتظاميہ سان تحرڪ وٺڻ لاءِ ڪوششون ڪرڻ_ نئين پريس مشينري خريد ڪرڻ_ بورڊ جي سالانہ گرانٽ ۾ 2 ڪروڙ جو اضافو ڪرائڻ.

### ڇهين (BOG) گڏجاڻي 07 ڊسمبر 2021ع

- بورڊ جي داخلي رستي تي ٺهندڙ مُک دروازي کي ’بابِ جي ايم سيد‘ نالو رکڻ سنڌي ادبي بورڊ جو پنهنجو جهنڊو تيار ڪرڻ_ بورڊ اندر ٿيل ترقياتي ۽ اشاعتي ڪمن جي منظوري ڏيڻ_ بورڊ جا سالن کان اڳ ڇپيل گهٽ وڪرو ٿيندڙ ڪتابن تي70 سيڪڙو رعايتي سيل لڳائڻ ۽ نون ڪتابن جي خريداري سان گفٽ اسڪيم شروع ڪرڻ_ سنڌ جي سرڪاري ۽ غير سرڪاري لائبريرين کي گفٽ طور ڪتاب ڏيڻ.


مخدوم محمد زمان